# ڀٽائيءَ جي ڪلام ۾ بغاوت

شاھ عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام جو جڏھن مادي نڪتہ نگاھ کان انھن مسائل سماجڪ، ڌارمڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ پھلن جو اڀياس ڪجي ٿو تہ انھن خلاف بغاوت صاف ڏسڻ ۾ اچي ٿو.

شاھ سماجڪ لحاظ کان استري پرش جي پيار لاءِ ذات پات ۽ رسم رواج جي پيد ياءَ کي ٺوڪر ھنئي آھي، ڌارمڪ لحاظ کان مذھبي تنگدلي ۽ تعصب، پاکنڊ ۽ ڀھروپ کي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو آھي، آرٿڪ لحاظ کان ڏڪارين ۽ چور بزار ڪندڙن لاءِ مخالفت ۽ حقارت ۽

هارين ۽ سنگهارن لاءِ محبت ۽ همدردي جو اظهار ڪيو آهي ۽ راڄنيتڪ لحاظ کان وطن دوستي ۽ قوم پرستي جي واکاڻ ۽ وڏائي ڪري ان زماني جي جاگيرداري سرشتي کي ڌڪ هنيو آهي. پر اهو سڄو بغاوت جو اظهار اسانکي شاهه جي ڪلام کي سندس زماني جي روشنيءَ ۾ ان وقت جي سچائيءَ جي ڪسوٽيءَ تي ڪسڻ سان ئي نظر ايندو.

شاهه جي زماني جي سچائي ڪهڙي هئي؟ شاهه جو جنم ١٦٨٩ع ۾ ٿيو. اهو زمانو جاگيرداري زمانو هو، جڏهن ملڪن ۾ ننڍين راجائن، جاگيردارن ۽ نوابن جو راڄ هلندو هو. سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي حڪومت هئي. انوقت ڌرم جو اثرو نه زور هو، جو وقت جي نين تقاضائن کي ڌرمي روپ ۾ ئي پيش ڪرڻو پوندو هو. سماج ۾ ڪٽنب جي وڏي اهميت هئي. جئن هن دنيا جو هلائيندڙ ايشور سمجهيو ويندو هو ۽ حڪومت جو هلائيندڙ ايشور جو "مربي پٽ" يعني راجا، جاگيردار يا نواب سمجهيو ويندو هو، هنکي پنهنجن پالڻ تي اثرو ئي اختيار هو، جيترو هڪ راجا کي سندس رعيت تي. گهر جا ڀاتي گويا سندس ملڪيت هئا. هنجي آگيا کان سواءِ هو ڪوبه ڪم ڪري نه سگهندا هئا. اثري قدر جو ڪٽنب جي ڌيءُ يا پٽ جي شادي وڏي جي مرضيءَ کان سواءِ ٿي نه سگهندي هئي. الڪري سپاهڪ هنکي

محبت جي آزادي نه هئي. مائٽن جي مرضيءَ کانسواءِ محبت ڪرڻ معنيٰ هنن جي قهر کي دعوت ڏيڻ.

شاهه جي زماني ۾ جيتوڻيڪ جاگيرداري نظام جا ڏينهن اچي پنا هئا، ته به ان جو زور اڃا ٽٽو نه هو. انهيءَ ڪري مدي خارج قدر ته اڄ به قائم آهن. مثلاً اڄ به ڪن هنڌ مائٽن جي مرضيءَ خلاف ڪو به ڇوڪرو يا ڇوڪري پيار يا شادي ڪري نه سگهندو آهي. ليڪن شاهه اهڙن مردار ۽ مدي خارج قدرن جو ڪانئڪي ڪونه هو، الٽو اهڙن قدرن جا هن خوب چوڏا لاٿا آهن.

شاهه جو گهڻي ۾ گهڻو شعر استري پرش جي سٻنڌن بابت آهي- خاص ڪري محبت لئي. هو ان وچار جو حامي آهي ته استري پرش کي محبت ڪرڻ ۽ پنهنجو جيون ساٿي پاڻ چونڊڻ جو پورو حق آهي. ان پريم يا شاديءَ جي چونڊ ۾ هو ڪنهن به قسم جي ڀيد-ذات پات، ريت رواج، مذهب نسل، اوچ نيچ غريبي شاهوڪاري کي ميڙڻ لاءِ تيار ڪونهي. شاهه سهڻي، سسئي ۽ مارئي معرفت ان وچار جي زبردست حمايت ڪئي آهي.

سهڻيءَ مهار لئي هڪ هارايو آهي. جيتوڻيڪ سندس ملڪ ڪيس سندس مرضي خلاف ڏم شادي ڪرائي ڇڏي، ته به اهوءَ مهار سان اوڙ نباهي ٿي. ڪيس نيٺهن اهڙو ته نهوڙيو آهي، جو چوي ٿي ”عقل مت، شرم ٿيئي نيٺهن نهوڙيا،“ جڏهن سندس سرٻئون ڪيس

ميهار سان محبت ڪرڻ کان روڪين ٿيون، تڏهن
کين چوي ٿي:

"جيڏيون ڏليان جي صورت ساهڙ جام جي،
سڪ ٿي ستيون ڪين ڪي، ڪالڌ ن پاسي ڪي،
منهائي اڳــي گـهـڙو سـپ گـهـڙا ڪٽي."

ان زماني ۾ مٿئين قسم جو شعر، هڪ انقلابي اظهار
ڇئجي ٿو وڏاءُ نه ٿيندو، جيڪو اڄ به لت لٿون آهــي.
سسئي جڏهين ڏسي ٿي ته سندس پنهوءَ کــي ڏير
پڄائي ويا آهن، تڏهن ڪاڏو پيتو زهر ٿي تو لڳيس. لتي
ٿڏي ڏونگر ڏاريندي، برپت جهاڳيندي، پنهوءَ پٺيان
ڪاهي پوي ٿي.

"مـــاءُ وهاڻو وار، ڪـڙ پڙاڻي پانهنجي
جيڪي ڏ ن ءَ ڏيج ۾ ســو سـيوئي ســار
وچان ٿــي وڪار ڏنــم پير پنهوءَ جو."

سسئي موت جــي فرشتن کان بـــ پنهوءَ جي پڇا
ڪــري:—

"منڪر ۽ نڪير کي جڏهن ڏنائين،
اکيان اٿي ان کـــي پـــنهو پڇيائين."

مــاروئـــي، عــمـــر بادشاه جي مال متاع، محلن ماڙين،
پٽ پٽمبرن ۽ شان شوڪت لــي موهجي پنهنجي پرلتم
ڪمت سين ســان بـــي وفائي لٿي ڪري اهالي لــامت
لدوارينديي ولي:—

اي ته مارن رلت، جهڙ سڻ مٿالين سون لي!

اڃي عمر ڪوٽ ۾ ڪنديس ڪين ڪرلت،
پکن جي پريت، ماڙيءَ سين نه مٽيان!"
"ڪانڌ نه ڪنديس ڪو ٻيو، ڪٽيڙو ئي خوب
ميرو ئي محبوب، اسان مارو من ۾."

ائين ڪونهي ته شاه صاحب جون رڳو سورميون ئي پنهنجي محبت تي ثابت قدم رهيون آهن، پر سندس سورما پڻ پريت جي ناتي نباهڻ ۾ پٺتي نه پيا آهن. پنهو وڏي سردار جو پٽ آهي. هو پنهنجي پيءُ ۽ ڀائرن جي سخت مخالفت هوندي به سسئي، جيڪا ڌوٻياڻي آهي، ان سان لائون لائي ٿو ۽ جڏهن سندس ڀائر کيس نشو ڏياري ڀڄائي وڃن ٿا، تڏهن هو هنن سان وڙهي سسئي لاءِ جبل جهاڳيندو وڃي ٿو. ميهار به هڪ وڏو سوداگر آهي ته به ڪنيار جي ڌيءَ جو پريم هٿ ڪرڻ لاءِ مينهون چارڻ جو خسيس ڪم ڪرڻ کان نٿو گسي ۽ پڇاڙيءَ تائين نينهن جو ناتو نباهي ٿو. ساڳيءَ طرح ڄام تماچي، جو هڪ بادشاه آهي، سو پنهنجو باشاهي رعب ڀلجي هڪ ماڇياڻيءَ کي پنهنجي پٽ راڻي ٿو بڻائي. مٿيان ٽيئي سورما جيڪڏهن چاهين ها ته اڄڪلهه جي ڪن نوجوانن وانگر پنهنجين پريتمائن سان عشق ڪري ساڻن لائون لهڻ کان ننو اکر وارين ها.

ائين آهي ته شاه سهڻي، سسئي ۽ ماروئيءَ جي لوڪ ڪهاڻين وارن بيتن ۾ ڪي روحاني نڪتا ڏنا

آهن جيڪي ان زماني جي حالتن جي مجبوري ڏيکارين ٿا. انهن کي ولي ڪن عالمن ۽ نقادن اهو سڌ ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي ته شاهه رڳو روحاني شاعر هو ۽ هنجي سڀني بيتن مان ڇڪي ڇڪي روحاني معنائون ٻه ڪڍيون اٿن. هي رخ صحيح ڪونهي. ڇو ته شاهه ڪو روحاني رهبر يا جوڳي ڪونه هو. هو بنيادي شاعر هو.

البت ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته شاهه کي پنهنجو فلسفو ضرور آهي، جيڪو آهي تصوف جو فلسفو. هر ڪنهن سڄي اديب کي زندگيءَ بابت ڪونه ڪو فلسفو يا ڪو نظريو يا نقط نگاهه ٿيندي آهي. دنيا جا وڏا اديب به ان چيز کان آجا ڪونهن ۽ اهو ڪو عيب ڪونهي. پر شاهه تصوف جو فلسفو انڪري ڪونه اختيار ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته هو هڪ روحاني رهبر هو يا جوڳي هو پر اهو ان زماني جو هڪ وڏو فلسفو هو. هر ڪو فلسفو حالتن جي پيدائش ٿيندو آهي. تصوف جو فلسفو پڻ خاص حالتن جي پيدائش هو. اهو اسلام مذهب جي پيدا ٿيڻ کانپوءِ پيدا ٿيو آهي، جيتوڻيڪ انجا ڪي عناصر يوناني فيلسوف پلاٽو جي فيلسوفيءَ ۽ ويدانت ۾ پڻ ڏسڻ ۾ اچن ٿا.

ان وقت ايران ۽ ٻين اسلامي ديسن ۾ محود اسلامي برادريءَ ۾ ذات پات ۽ نسل ۽ غريب شاهوڪار جو ڀيد پيدا ٿيو ۽ اسلام جي مساوات (برابري) کي وساريو

ويو. مولوين ۽ ملن، شريعت جي نالي ۾ عام ماڻهن کي
خوب پيڙيو. صوفين کي اهڙين حالتن جو مقابلو ڪرڻ
ڪري ڪيترو ظلم سهڻو پيو. ان ڏس ۾ منصور ۽ عطار
جا نالا ته جڳ مشهور آهن.

تصوف کي "وحدت الوجود" يا "هم اوست"
جو فلسفو چوندا آهن. جنهنجو مطلب اهو آهي ته
هن دنيا جو حقيقي بنياد هڪ خدا آهي ۽ هيءَ سڄي
سرشٽي ان جو عڪس آهي. هن ويچار، ان ڀيد کي ختم
ڪري ڇڏيو ته خدا هن دنيا کان مٿي آسمان جو ئي رهندڙ
آهي ۽ ان، خدا ۽ انسان جو سنبنڌ ڀؤ جي بنياد تي
نه، پر محبت جي بنياد تي رکيو. تصوف، جدا جدا مذهبن
جي ماڻهن جي وچ ۾ ميلاپ جو ڦهلاءُ ڪيو. ان جاگيرداري
نظام جي مردار رسمن ۽ رواجن جي ڪٽڙي مخالفت
ڪئي. اهو ظاهر پرستيءَ جي خلاف هو. ان انسان
دوستيءَ ۽ رواداريءَ جي سکيا ڏني. پر اها حقيقت آهي
ته پنهنجي پڇاڙيءَ جي دور ۾ تصوف هڪ ڏيکاءُ بڻجي
پيو. صوفي ڪيترن ئي انهن خرابين جو شڪار ٿي پيا،
جن جي هنن مخالفت پئي ڪئي، مثلا مزار پرستي، سماع
پرستي، وهم پرستي تعويذ ڦڻڊ، جادو ٽوڻا، پيري مريدي وغيره.

شاهه جي شعر ۾ تصوف جا سڀ سٺا عناصر موجود
نظر اچن ٿا. هو جيتوڻيڪ مسلمان جي سيد ڪلاس
مان آيو ته به هو اسلام جو پرچارڪ ڪونهي. هن سڀني

ڌرمن جي ميلاپ جي سگهيا ڏني. هندن ۽ مسلمانن ۾ جيڪي خاميون ڏٺائين، تنهن کي هو ننڊ ڪان نه ڇڏيو آهي. چوي ٿو:

”اُن پڙ نه ايمان، جن ڪلمي گو ڪوٺائين
دغا تنهنجي دل ۾، شرڪ ۽ شيطان
مهه ۾ مسلمان، اندر آذر آهين.“
”ڪوڙو تون ڪفر سين! ڪافر ۾ ڪوتاه
هندو هڏ نه آهين، جٽيو تون نه جڳاءِ!
تلڪ تنين کي لاءِ، سچا جي شرڪ سين.“

شاه پيٽ جي پوڄارن ۽ ڏيکاءُ پسند پونگين ملن مولوين ۽ جوڳين جي له چڱي ڇنڊڇاڻ ڪري لاٿي آهي. چوي ٿو:

”گولا جي گراهه جا جوتا سي جوڳي
قتل او قوڳي، جنهين شڪم سانڍيا.“
”جنهن سناسي سانڍيو، گندي ۽ گراهه
انين کان الله، اڃا اڳاهون ٿيو.“

هڪ سچي صوفيءَ جي حيثيت ۾ شاه لطيف پنهنجي شعر ۾ نه رڳو ڏيکاءُ پسندن، ڪٽر پنٿين ۽ تعصبين جا چوڏا لاٿا آهن، پر جدا جدا مذهبن جي ماڻهن جي وچ ۾ رواداري ۽ ڪشادهه دليءَ جو احساس، سهڻي شيلي جي پاڻا پڻ پيدا ڪئي آهي. هو مسلمان هو، ان هوندي به هن ڪيترائي اهڙا شعر لکيا آهن، جنهن مسلم مذهب ۽ زندگيءَ سان ڪوڙو واسطو ڪونهي، پر اهي هندو ڌرم ۽ جهاليءَ سان ئي تعلق رکن ٿا، نه رڳو تعلق رکن

ٿا پر مذهبي نقط نگاه کان اهي اسلام جي سکيا جي ورڌ ليکن ٿا، جيئن ڪن مسلم ليکڪن جو ويچار آهي. اهڙا شعر ڏيکارين ٿا ته هو آزاد خيال ۽ ڪشاده دل هو. جڏهن ڪري ٿي هن هندن جي ريتين رسمن، هلت چلت، وهنوار ويچار جو اڀياس ڪيو ۽ ڏيهان جا ڏيهان هندن جي تيرٿن ۽ مندرن جي زيارت ڪئي ۽ هندو جوڳين ۽ سنياسين سان صحبت ڪئي. شاه جڏهن انهن جو پنهنجن بيتن ۾ بيان ٿو ڪري تڏهن ائين ٿو لڳي ته اهي ڪنهن هندوءَ جا ئي چيل آهن. اهڙا بيت رسالي ۾ گهڻيئي آهن، اصل سرن جا سر. هتي جنس طور ڪي مثال ڏجن ٿا:-

١- جي پائين **جوڳي** ٿيا ته پر **گروءَ** جي پار،
هوائون **هنگلاج** ڏي، وينديون سڀ وسار،
ناٿ نگا! **ناٿ** نهار، **ساهي!** وڏيءَ سک سين.

٢- هر هر ڪن **هرنام**، ڏوڻ ڏهاڻي **ڏوتي**.
جن نه ريجهايو **رام**، نت نه نمي تن کي.

٣- **سيوا** ڪر سمنڊ جي، جت جر وهي ٿو جال،
سهسين وهن سير ۾، ماڻڪ موتي لال،
جي ماسو جڙئي مال، ته **پوڄارا** پر لٽين.

٤- اپيون **تر پوڄين** وهون واڄارن جون،
آڻيو **آڪا** ڏين ڪستوري سمونڊ کي.

شاه پٺاڻيءَ جي آزاد خيالي، ڪشاده دلي ۽ رواداري جي احساس جو، جڏهن ان زماني جي لاڙهي ۾س

کي اهڙيءَ سزائون ڏين جڏهن رعيت مان ڪو به اهڙو ڪم ڪري نه سگهي. ان سواءِ ماڻهن کي نماز، روزن ۽ ٻين عبادتن لاءِ تاڪيد ڪيو ويو. انهن حڪمن جي بجا آوري ۾ ڪا به انحرافي نه ٿيڻ گهرجي."

پنهنجي گهوٽ ان مذهبي جنون کي هيئن جواب ڏني:-

"جو ترڪ تلوار، وڻ ٽڻ واڻي هيڪڙي،
سيئي شيءِ ٿيا، سوريءَ سزاوار،
همه منصور هزار، ڪهڙا چاڙهيو چاڙهئين؟"

"ملن منو ماءُ، پتو قتو پيٽ ۾،
سچائي الله نبي ڏناٿون ڏوڙ ۾."

"روزا ۽ نمازون، اي پڻ چڱو ڪم،
اهو ڪو ٻيو فهم، جنهن سان پسجي پرين کي."

"اکر پڙهي اپاڃيا قاضي ٿيهه ڪتاءُ،
پيرئين ۽ پاڻئين ابڏا اٿن نه آءُ،
ان سرڪيءَ سند و ساءُ پڇج عزازيل کان."

اهڙا شعر، رسالي ۾ ٿورا ڪونهن. اهو ئي سبب آهي جنهنڪري ڪلهوڙا حاڪم، شاه جي برخلاف هئا. شاه جو نور محمد ڪلهوڙي سان ٽڪر نه مشهور آهي، جنهن ۾ نور محمد جي ئي شڪست ٿي ۽ شاه، هنجي سٽيل منصوبن جو شڪار ٿي نه سگهيو. انڪري اٿين چوڻ غلط نه ٿيندو ته اسانجي پياري شاه، حڪمرانن ۽ مذهبي اڳوانن، جيڪي سندس ٿي مذهب جا هئا،

تن خلاف آواز اٿاريو. البت ان جو روپ، رنگ ۽ ٻولي ان زماني جا هئا، جيڪو اڄوڪي زماني کان گهڻو گهڻو قديم هو.

مون مٿي ٻڌايو آهي ته ڪيئن جاگيردار زماني ۾ نه فقط سنڌ ۽ هند ۾، پر ساري دنيا ۾ حڪومت ۽ مذهب (جيڪي ٻئي اڪثر ٻٽ هوندا هئا) خلاف اعتراض يا تقاضائون اڪثر مذهبي شڪل ۾ ئي پيش ڪيون وينديون هيون. صوفي هلچل پڻ هڪ اهڙو اعتراض هئي، جنهن اعتراض کي دٻائڻ لاءِ صوفين کي سوريءَ تي چاڙهيو ويو، هنن کي لامذهبين ۽ ناستڪن جي خطابن سان ياد ڪيو ويو ۽ کين اسلام جا دشمن سمجهيو ويو. ڇو؟ ڇاڪاڻ ته صوفين حڪومت ۽ مذهب جي ڏاڍاين ۽ ڏهڪاءُ جو مقابلو ڪيو.

تصوف جو فلسفو، جنهن جو بنياد اسلام تي هو، تنهن اسلام جي ڪيترين ڳالهين جي مخالفت ڪئي. مثلا اسلام ماڻهن ۽ خدا جو تعلق ”ڊپ“ تي رکيو آهي، پر صوفين ان بدران ”محبت“ تي رکيو. يعني ته خدا، هنن لاءِ هڪ پريتم آهي ۽ نه قيامت جو ڏٽي. اسلام عزازيل کي ننديو آهي ته صوفين هن جي ساراهه جا ڍڪ پڙيا آهن. اسلام راڳ جو وروڌي آهي ته صوفي راڳ کي ساهه سمجهن. اسلام روزن نمازن کي هر هڪ مسلمان لاءِ لازمي ٺهرايو آهي، پر صوفي خدا جو مشاهدو ماڻڻ لاءِ انهن کي لازمي نه سمجهن. ٿوري ۾ صوفين لاءِ

سچو مذهب آهي محبت - محبت جيڪا ٻن منزلن مان لنگهي ٿي. هڪ مجازي ٻي حقيقي. مجازي محبت کانسواءِ حقيقي محبت جي منزل تي رسڻ لاءِ دنيا کي ترڪ ڪرڻو آهي. ان ڪري ٻنهي سان گڏ تياڳ ڀاونا پڻ تصوف ۾ هڪ اهم جڳهه والاري ٿي.

هن تياڳ ڀاونا جو هڪ ٻيو پهلو به آهي جيڪو تاريخي آهي. جاگيرداري دور ۾ حاڪمن ۽ رعيت، خاص ڪري ڪسانن (جنکي پنهنجون زمينون هيون) جي وچ ۾ ٽڪر پيو لڳندو هو. ۽ رعيت ۾ مقابلي جي طاقت پيدا ڪرڻ لاءِ اهو ضروري سمجهيو ويو ته عارضي طرح هنن پنهنجي مال ملڪيت لاءِ تياڳ ڀاونا پيدا ڪئي وڃي، جيئن هو بي ڌڙڪ حاڪمن ۽ زميندارن سان لڙي سگهن. جيڪڏهن هنن ۾ پنهنجين زمينن جي کسجي وڃڻ جو ڊپ هوندو ته هو پوريءَ طرح مقابلو ڪري نه سگهندا. ليڪن ان پهلوءَ جو نفي رخ پڻ آهي ته حڪمران طبقي ئي پنهنجي ظلم کان هيٺين طبقي جو ڌيان ٻيءَ دنيا ڏانهن ڇڪائڻ لاءِ ئي تياڳ ڀاونا کي خلقيو. هنن ويچارن کي وڌيڪ چٽو ڪرڻ جي گنجائش آهي پر ان لاءِ اختيارن سان گڏ ڪجهه خاص ليک جي ضرورت آهي ۽ هيئنر هنکي هتي ئي ڇڏجي ٿو.

مٿي ڏنو سين ته صوفي هلچل حڪومت ۽ مذهب جي پابندين خلاف اعتراضي هلچل هئي. شاهه جي شعر

۾ ان اعتراض جي تصوير ملي ٿي، ڪٿي ڀرپور ڪٿي جهڪي.

شاهه جو تصوف آفيم نه آهي جيڪو گهيرت ڪارائي، مايوس بڻائي، پر اهو آهي، جيڪو عمل لاءِ للڪاريندو رهي ٿو:-

"جان جيئين تان جل، ڪانهي جاءِ جلڻ ري
تڏهن ڪوسيءَ هل، ڪانهي ويل وهڻ جي."
"سورهيه مرڻ سوڀ کي نه دل جا وهم وسار"
"جنين سڪ نه ساهه ڪو، چارڻ سي چڱن؛
رڃن راهه پڇن، متي ڪلهن ڪيهرا."

شاهه جي رسالي ۾ مٿئين قسم جا گهڻيئي بيت آهن جي پڙهندي انساني فراريت فرار ٿي وڃي ٿي ۽ زندگي ۾ ايندڙ مصيبتن کي منهن ڏيڻ جو اعتقاد ۽ قوت پيدا ٿين ٿا. اهو انڪري آهي جو هڪ سچي صوفيءَ جي ناتي شاهه کي انسان سان اٿاهه محبت آهي، جنهن جو اظهار خاص طور تي سرن - مارئي، سارنگ ۽ ڍهر ۾ ڪيل آهي.

سر مارئي ۾ شاهه هڪ هيٺئين طبقي جي فرد. پورهيت پوهارڻ مارئي جي حب الوطنيءَ جو جيڪو اعليٰ جذبو پيش ڪيو آهي، سو مونکي هندي ۽ اردوءَ جي ان دور جي "صوفي ۽ ڀڳتي هلچل" وارن شاعرن ۾ به نه ٿو ڏسڻ ۾ اچي. هن سر ۾ شاهه، ملير جي مسڪين سنگهارن ۽ پوهارن ۽ ان جي خسيس جهڙن - ٻڪن ۽ لمهن

شاهه لطيف جي سر ماروئي ۾ وطني حب جو جيڪو اعليٰ جذبو سمايل آهي، ان بابت ڪيترن ئي ليکڪن قلم هلايو آهي. مان فقط ان ڳالهه ڏانهن ڌيان ڇڪائيندس. هڪ اها نه شاهه وطني حب جو جذبو هيٺين طبقي جي مفلس محنت ڪش ماروئڙن جي معرفت ظاهر ڪيو آهي، جو ڏيکاري ٿو ته شاهه محسوس ڪيو ٿي ته جيڪو هيٺيون طبقو آهي سو مٿين طبقي جي ڀيٽ ۾ وڌيڪ وطن دوست آهي، اهو پنهنجي وطن تان مري مٽجڻ ۾ هڏ پڙ نه ڪندو، اڳو پيڇو نه سوچيندو ۽ اهائي تات پيو لوڙيندو:

”واجهائي وطن کي ساري ساهه ڏيان!

... ... ... ...

ميائي جيان جي وڃي مڙهه ملير ڏي“

حقيقت ۾ شاهه جو اهو احساس ان زماني جي ذاتي اڀياس مان ئي پيدا ٿيل آهي. هن پنهنجين اکين سان ڏٺو ته ڪيئن نه جڏهن سنڌ تي نادرشاهه ڪاهي آيو تڏهن نور محمد ڪلهوڙو جيڪو سنڌ جو حاڪم هو، سو هن جو مقابلو ڪرڻ بدران ڀڄي ويو هو. ساڳي حالت هئي مٿين طبقي جي ٻين فردن- جاگيردارن، سردارن، نوابن، اميرن وغيره جي، جنکي پنهنجي وطن جي ڀيٽ ۾ پنهنجو عيش عشرت وڌيڪ پيارو هو.

هي ڳالهه اها آهي ته وطن دوستي- قوم پرستي ۽ جو جذبو، جو خاص طور سرمائيداري نظام جو نتيجو

هو، سو ان زماني جي زبردست تقاضا هو، جنهن
کان اسانجي پياري شاعر منهن نه موڙيو. جاگيرداري
نظام ۾ حاڪم، ملڪن جا ٺڪرن جا ٺڪر جاگيردارن،
سردارن، نوابن کي ڏيئي ڇڏيندا هئا، جنهنجي عيوض
هو ڪانئس لشڪر جي مدد وٺندا هئا. سنڌ ۾ شاهه
جي وقت ۾ اهڙو سرشتو هو، جنهنجا ڏينهن اڃا
پيا هئا ۽ جنهنجي جاءِ والارڻ لاءِ سرمايداري سرشتو
جنم وٺي رهيو هو، جو جاگيرداري سرشتي جي ڀيٽ
۾ وڌيڪ ترقي پسند سرشتو آهي. انهاس ڏانهن نظر
ڊوڙائينديءَ اسانکي ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته جڏهن جڏهن
پيداوار جو هڪ سرشتو اڳتي هلي سماج لاءِ مدي
خارج ثابت ٿيو آهي، تڏهن تڏهن ٻئي سرشتي اچي
ان جي جڳهه والاري آهي، جيڪو اڳئين جي ڀيٽ ۾
وڌيڪ ترقي پسند آهي. وطن دوستيءَ جي جذبي
جاگيرداري سرشتي جي مدي خارج عناصرن کي
زبردست ڌڪ هنيو. اهو عام ماڻهن کي جاگيردارن،
نوابن، سردارن جي ظلم کان آجو ٿيڻ جو جذبو هو. شاهه
ان جذبي جو هڪ پورهيت پورهارڻ جي واتان اظهار
ڪري نه رڳو وقت جو سڏ اونايو، پر هڪ ترقي پسند
ڀاڱو ادا ڪيو.

سر سارنگ نه آهي ٿي هارين ۽ سنگهارن جو سر.
ان بابت پڻ گهٽ ئي ڪجهه لکيو ويو آهي ۽ شاهه
جون هيٺيون سٽون نه ڪلاسڪ ٻڌجي وڃن آهن:

"جن مهانگو لهي مڻيو، سي ڳا هڻڪ هڻن،
پنجن منجهان پندرهن ٿيا، اُن ڳا ورق ورن،
ڏڪاريا ڏيهه مان، شال موڙي سيڱ مرن."

جيڪڏهن انهاسڪ درشٽيءَ سان ڏسبو ته مٿين بيت ۾ شاهه رڳو ڏڪارن ۽ چور مارڪيٽ ڪندڙن تي پٽ نٿو وسائي جنهن جو بين لقادن به چيو آهي، پر سرمائيداري سماج جي بنياد تي ٽڪراءُ پڻ ڏئي ٿو. اسانکي سڌ آهي ته سرمائيداري سماج جو بنياد آهي ئي نفعي تي - مهانگو لهي مٽڻ ۽ پنجن مان پندرهن ڪرڻ. جيڪڏهن اهو بنياد ڪڍبو وڃي ته سڄو سرمائيداري سرشتو اچي پٽ پوي. اهو شاهه جهڙو اعليٰ شاعر آهي، جنهن ڪوزي ۾ ساگر سمايو آهي، جيڪو ٽن بيتن ۾ سرمائيداري سرشتي جو بنياد به ٻڌائي ٿو ته ان جي لوٽ کسوٽ تي لعنت به وجهي ٿو.

شاهه جي بين سرن ۾ پڻ ان سرمائيداري سرشتي جي قدرن جي جهلڪ ملي ٿي. "ليلا چنيسر" جو سڄو قصو پيتل ٿي سون ۽ هيرن جي هار تي آهي. ليلا ان هار تي هرڪجي پنهنجي پتيءَ کي هڪ رات لاءِ ڪونروءَ کي وڪيو.

مٽي مٽي جي هٿا، تن چٽن قيرام چت
هار ڪٽنديس هوڏ ۾، ليهه لهندم لت
ڪونروءَ جو ڪرت، منهن مٽاهون ٿيو.

الين آهي ته ان سر ۾ استريءَ جي ناٿي ۽ مٽي

لاءِ ڪمزوريءَ واري سپاهه جو چٽر به آهي، پر ساڳئي
وقت سرمائيداري قدرن جي جهلڪ پڻ ڏنل آهي.
سرمائيداري سرشتي انسان جا سڀ قدر ناڻي-سون، تي
بيهاريا آهن. پر جاگيرداري نظام ۾ ائين نه هو. ان
ناڻي ۽ سون جي موهه گهڻيئي خوار ڪيا آهن.

مٺي لئي موهجي، هاري! ڳيتڙا هار
ڪوڙين ڪيا ڪيترا انهين خر خوار.

سر سورٺ ۾ جاگيرداري ۽ سرمائيداري قدرن جي
ڪشمڪش ڏسڻ ۾ اچي ٿي. راءِ ڏياچ جاگيرداري
قدرن جو عيوضي آهي. هو سخاوت جو صاحب آهي
۽ قول تي پورو آهي.

”مٿو متائين گهوڙيان، مٿو ٿو مٽاءِ،
هڏو هي هٿ ڪري، چاچڪ! وهلو جاءِ،
تون سين انيراءِ جم واچا ۾ ولهو وهين.“

سرمائيداري سرشتي ۾ ناڻي جي رشتن انساني قدرن
کي ڪچلي ڇڏيو آهي. جئن انيراءِ ”سونن ٽڪن“
جي ذريعي ئي راءِ ڏياچ جو سر وڍائڻ ۾ سوڀ حاصل
ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هن سر ۾ جاگيرداري سرشتي
جي سرمائيداري سرشتي اڳيان شڪست ڏيکاريل آهي،
جيڪا لازمي هئي، ڇو ته جاگيرداري سرشتو پنهنجا
ڏينهن پورا ڪري چڪو هو) جيتوڻيڪ انجا ڪي قدر
اڄ به سٺا ليکيا وڃن ٿا) ۽ سرمائيداري سرشتو جيڪو
وڌيڪ ترقي پسند هو (جيتوڻيڪ انجا ڪي قدر شروعاتس

ڪان اي خراب آهن ) تنهنڪي انهي جڳهه ولڻي هئي.
هن وشيه کي وڌيڪ صاف ڪرڻ جي ضرورت آهي،
جيڪا ٻئي ڪنهن ليکڪ ۾ پوري ڪندس.

شاه جي شعر ۾ ڪيترن ڪاريگرن ۽ هنرمندن جو ذڪر اچي ٿو انهيءَ مکيه سبب اهو ٿو ڏسجي ته ان زماني ۾ انهن ڪاريگرن ۽ هنرمندن جو طبقو وڏي رهيو آهي. سرمائيداري طبقو، ان طبقي مان اسريو آهي.

ان مان ائين سمجهڻ کپي ته شاه سرمائيداري يا جاگيرداري طبقي جو شاعر آهي. حقيقت ۾ شاه سنڌ جي جنتا جو شاعر آهي. هنکي سنڌ جي مٽيءَ ۽ ماڻهوءَ سان بي پايان محبت آهي. ڏسو ته سندس دل ۾ ڏکويلن لاء ڪيترو نه بي پاه درد اڪل آهي. چوي ٿو:-

”پيڻي جا پرياس، سا ماڪ ۾ پسو ماڙ هئا!
روئي ڇڙي راس، ڏسي ڏکويلن کي.“

ڏکويلن کي دلداري ۽ خوب ٿو ڏئي، چوي ٿو:-

”اڃو سوڙن وارڻو ن ڪريو ن سوڙن جي پچار
ڪن گهڻا ڪن ٿورا، ڪالهي سوڙن ڏار.“

مٿين بيت مان اجتماعي جذبو (**Collective spirit**) ظاهر آهي، جهڙو شاه جي ڪيترن شعرن ۾ سمايل آهي. هي ڏسو:-

”ڏڻ ڏارڻ ڏار رهڻ، اي ته سکهارن سٿ،

”ڪاهي ايندا ڪڏهين مٺڙي والا وهاڻ.“
”ڏڪيو جان نه مڙن، تان تان پنڌ نه ٿئي.“
”ڇڄ ۾ قطاران سانت چڙهندو اکئين
مچڻ ٿيئن پتان وڃي وائي نه لهين.“

ٿوري ۾، شاهه جي شعر جي پس منظر ڪئي مون تاريخي، مادي ۽ سماجي نقط نگاهه کان ڏنو آهي جنهن مان اهو سڌ ٿئي ٿو ته شاهه پنهنجي اڪثر ڪوتا ۾ پنهنجي لڳ جي سچائي ڏني آهي ۽ سنن ۽ نون قدرن جي حمايت ڪئي آهي.

# ڀارت جو سنڌي ساهت

ورهاڱي بعد ڳنڍيل ڀاڱي عمدي ۾ سنڌ ۽ هند ۾ جيتري ترقي سنڌي ساهت ڪئي آهي، اوتري مشڪل سان ان همڪاني اڳي ڪڏهن ڪئي هجي. ان ترقيءَ جي تاريخ لاءِ نه مخاص شاهي گرنٿ لکڻو پوندم ۽ نه هڪ مضمون. الڪري هتي رڳو ڀارت جي سنڌي ساهت جي جهلڪ ڏيڻ تائين ئي محدود رکڻو ٿو پوان.

ڀارت ۾ لڏي اچڻ شرط سنڌي ساهتڪارن ئي سڀ کان اول "ڄاڻب ئي ويڙ" "سنڌ ۽ سنڌيت وسارڻو" جي وعظن ۽ لکڻين جو وزوڻ ڪري پنهنجي ٻولي، لپي، ساهت ۽ سنسڪرتيءَ کي زنده رکڻ لاءِ ڪوشش ڪئي.

ان ۾ خاص ڪري ترقي پسند ليکڪ سڀني کان اڳرا رهيا. هنن هڪ طرف سنڌي ٻوليءَ جي لساني ڀاڱي جي هاچل هلائي سوڀ حاصل ڪئي ته ٻئي طرف خوب ساهت لکيائون. هنن سنڌيت ۽ سماجواد جي ويچارن ۽ ادب برائي زندگيءَ جي نظريي سان ٻين ليکڪن کي به متاثر ڪيو.

ترقي پسند ليکڪن لاءِ اها ڏاڍي فخر جي ڳالهه آهي ته اڄ "سنڌيت" سڄي سنڌي قوم جو آدرش ۽ "سماجواد" ساري ديس جو اُديش بڻجي چڪي آهي. اهي ٻئي وقت جون تقاضائون هيون جيڪي ترقي پسند ليکڪن ٻوليءَ محسوس ڪيون، جنکي پورو ڪرڻ لاءِ هنن بزرگ ليکڪن کان به سهڪار ۽ داد حاصل ڪيو، جن به پنهنجي سر سنڌي ساهت کي خوب اوج ڏني آهي.

پهريون بزرگ ۾ بزرگ ليکڪ جنهن ترقي پسند ليکڪن سان گڏجي ڪم ڪيو سو هو لعلچند امرڏنومل. هن ڪيئن داد ڏيندي "لات" ڪتاب ۾ لکيو، "ساميواد ۽ ڪميونواد جو پرچار منجهن رهل ڇپيل آهي. پوءِ به هن پرڪار جو ساهت اها ڪا اندر واري تند ڇوري ٿو جو رڳون پيٽون رباب جيان وڄن. سهسين سنڌ جا هندو نرواسي اهڙي ساهت کي رڃيءَ سان، اُس امنگ سان واڇن ٿا .... ڪنهن ڪنهن سگهڙ جي ويچارن سان ڪنهن جو ڪٿي متڀيد آهي ته، ته به جنهن ساهتي آساليءَ سان هو

قلم هلائي ٿو، انهيءَ کي ڌيان ۾ رکي، هيءَ ڳالهه مڃڻي پوي ٿي ته هو جيڪي لکيو ته نه هن نيت سان ته لوڪ کيس اُٿلائي لکندڙ ڪري ليکين، پر پارٽ به جو پڻ جيون جهڙو جيو آهي، سو پارٽ جهڙن سان سنمک ٿي سائين انهيءَ حيثيت ۾ ڳالهيون ٿو ڪري....."

لعلچند پڇاڙيءَ ۾ پارٽ بــ رشيا، لينن ۽ سوشلسٽ ويچارن جو حامي بڻجندو ٿي ويو، جنهن هندواسي جـــي ١٥- آگسٽ ١٩٥٣ واري پرچي ۾ ڇپيل سندس آخرين ليکه مان ظاهر آهي. ان ليکه کان ڪجهه وقت پوءِ هو گذاري ويو ۽ پنهنجي پٺيان "سنڌي ساهت جي ڪجهه ماپ" نالي اڻڇپيل ڪتاب ڇڏي ويو. هو ئي پهريون ليکڪ هو جنهن وصيت ڪئي هئي ته سندس ديهانت پڄاڻان هنجون هاڏيون سنڌو نديءَ ۾ پرواهه ڪيون وڃن جيڪي برابر ڪيون ويون.

ٻيو بزرگ ليکڪ، جيڪو ورهاڱي کان اڳيئي ترقي پسند ليکڪن سان سنڌ ۾ لهه وچڙ ۾ هو ۽ هئي اڄ سان سائين ڪلهو ڪلهي ۾ لائي ڪم ڪيائين، سو آهـــي پروفيسر منگهارام ملڪاڻي. هن بمبئيءَ جي سنڌي ساهت منڊل ۾ (جنهنجو هو ڪيترا سال پريزيڊنٽ رهيو) ترقي پسند ۽ پڻ ليکڪن کي اُتساهت ڪيو ۽ موٽ ۾ کانئن به متاثر ٿيو، جنهنجي جهلڪ هنجي ناٽڪن جي مجموعي، ڇهون ڇهڪڙا ۽ سندس لکيل تنقيدي مضمونن مان ملي ٿـــي.

پروفيسر ملڪاڻي جديد سنڌي ايڪانڪيءَ جو باني طور انکي خوب وڌايو ويجهايو آهي. سندس ٻه ٻيا ناٽڪن جا مجموعا آهن "پاپ ڪين پنج" ۽ "ٽرائيٺا ٻيا ٽمڪن" جنهن اجوڪن مسئلن تي بردباريءَ ۽ بي باڪيءَ سان لکيل ناٽڪ ڏنل آهن. هنجو يادگار ۽ يگانو ڪتاب آهي "سنڌي نثر جي تاريخ." هنجا ٻه ڪتاب ادبي اصول ۽ ٻچڙي يا اڙا يارت ۾ ڇپيل پنهنجي قسم جا ڀرپور ڪتاب آهن.

ٽيون بزرگ نثر نويس جنهنجو ترقي پسند ليکڪن سان اختلاف به هو نه ڪڏهن ساڻن گڏجي ڪم ڪيو هو، سو آهي پروفيسر ايل. ايچ اجواڻي. هنجا مضمون "اڇل" ڪتاب ۾ ڇپيل آهن جن ماں سنڌ، سنڌيت ۽ سنڌي ساهت بابت لکيل مضمون اهم آهن. ساميءَ جي مضمون ۾ ساميءَ کي "جنتا جو شاعر" ۽ "لوڪشاهي جو قائل" سڏي پروفيسر صاحب ترقي پسند ليکڪن کان به گوءِ کڻي ويو آهي. پروفيسر جو يادگار ڪتاب آهي انگريزيءَ ۾ لکيل سنڌي ساهت جو اتهاس.

پروفيسر رام پنجواڻي جنهن به پروفيسر ملڪاڻي ۽ اجواڻيءَ وانگر ترقي پسند ليکڪن سان گڏجي ڪم ڪيو هو، تنهن وري ناول نويسيءَ سان سنڌي ساهت ۾ اضافو ڪيو آهي. سندس مکيه ناول آهي "ڏيئر نه جمن" جنهن تي نام به لڳل آهي. هنجو اهو مشهور ڪتاب آهي

جيوت ۽ سنڌيت جي تصوير اصطلاحن سان ٽمٽار ٻولي ۾ ڇپيل آهي. ١٩٥٦ ۾ ايشيائي ليکڪن جي ڪانفرنس کان پوءِ بعد هندي ويچارن ترقي پسندي ۽ ڏانهن وڌ ڪ وڌائي هٽي ۽ اچا ۾ چار شعر مس لکيا هٽائين ته موت کيس اسانکان کسي ورتو. سندس ڪلام آلاپ صبا ۾ قلمبند آهي.

ٻيون بزرگ نظم نويس آهي ڊاڪٽر هرومل سدارنگاڻي. جنهنجا ٽي مجموعا ڇپيل آهن: رنگين رباعيون، روح ڏنو ريلو ۽ پرهه جي باک. پهرئين مان رباعي جي فن ۾ ماهريت ته پوئين مان آزاد نظم جي قابليت ظاهر آهي. ٻيون مجموعو اڄوڪي جيوت جي دلڪش تصوير آهي ۽ سچ پچ پره ڦٽي جي باک وانگر پوتر ۽ پيارو آهي ۽ اڄڪلهه جي نئين ڪوتا جي قائل ڪن ڪوين لاءِ مثال آهي.

هري دلگير، پريو وفا ۽ نارائڻ شيام جيتوڻيڪ بزرگ شاعرن جي قطار ۾ داخل ناهن ته به هنن بزرگ ليکڪن وانگر ٽي ورهاڱي کان اڳ پنهنجو ڏاڪو ڄمايو هو. جنهنجي ورهاڱي بعد ته خوب اضافو آندو اٿن ته ترقي پسند شاعري ۾ کي به ترقي ڏني اٿن. دلگير جي خاص خوبي آهي سليسائي، وفا جي خوبي آهي روانی ۽ شيام جي خاص خوبي آهي گهرائي. دلگير جو هڪ مجموعو موج ڪئي مورڻ ۽ وفا جا ٻه مجموعا پرواز ۽ جهنڪار ڇپيل

آهي ۾ شيام جا اڌ ڊزن مجموعا آهن: پنکڙيون، رنگ رتي لهر، روشن ڇانورو، ماڪ ڦڙا ايڪل، واري ڀريو پلاند ۽ آچيندي لڄ مران. تنهن ڪوين نه رڳو شعر جي بغاوت کي ۾ روپ کي پڻ اوچ ڏني آهي. شيام پنهنجن ٻن ساٿين کان وڌيڪ ترقي وک وڌائي رهيو آهي.

بزرگ ليکڪن کانپوءِ انهن ترقي پسند ليکڪن جي ٽهي اچي ٿي جن پنهنجو ساهتڪ جيون ورهاڱي کان اڳ ئي ۱۹۴۱-۱۹۴۲ واري دور ۾ شروع ڪيو هو ۽ ان زماني ۾ ٻي مهاڀاري جنگ ۽ آزاديءَ جي هلچل جاري هئي. هنن ليکڪن آزادي حاصل ڪرڻ کانسواءِ سماج کي ختم ڪري نئين سماجوادي سماج جي حق ۾ زندگيءَ جي سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ پهلن تي قلم آزمائي ڪئي ۽ ”ڪلا، ڪلا لاءِ“ واري نظريي جي پيٽ ۾ ”ڪلا، جيون لاءِ“ واري نظريي جي زوردار حمايت ڪئي.

اهي ليکڪ آهن گوبند پنجابي، گوبند مالهي، ڪيرت باباڻي، ڪرشن کٽواڻي، ارجن شاد، سگن آهوجا، آنند گولاڻي، ليلو رچنداڻي ۽ ٻيا. جن ورهاڱي کانپوءِ گهڻي وقت لاءِ قلم آزمائي ڪئي آهي. انهن ٻيا به ترقي پسند ليکڪ هئا، جن ورهاڱي کانپوءِ ڀارت ۾ اچي ايڪڙ ٻيڪڙ رچنا لکي، خاموشي اختيار ڪئي.

هنن ليکڪن ئي سنڌي ساهت جي هر شاخ ۾ اضافو

ڪيو آهي ۽ ڪهاڻيءَ ڪي نه خاص اوچ ڏني آهي. ٻڙڦي پسند ڪهاڻيءَ جو باني گوبند پنجابي آهي، جنهن ورهاڱي بعد هڪ سؤ کن ڪهاڻيون لکيون آهن، ليڪن سندس رڳو هڪ مجموعو "سورج مکي" ڇپيل آهي. ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جا ٻه مجموعا "هوءَ" ۽ "درد جو دل ۾ سمائجي نه سگهيو." ڪرشن کٽواڻي جا ٻه مجموعا "ونڊري" ۽ "منڙي لو نه سهائو" سگهن آهوجا جا ٻه مجموعا "پياري چيز" ۽ "بي آگ جلي تا پروانا" آنند گولاڻي جا ٻه مجموعا "لڙون جنم وٺندس" ۽ "راڻيون" ۽ الم جي ڪهاڻين جو هڪ مجموعو "ڪشمڪش" ڇپيل آهي.

گوبند مالهيءَ ڪهاڻيءَ کان وڌيڪ ناول نويسيءَ کي اوچ ڏني آهي. هنجا ڏهن کان مٿي ناول ڇپيا آهن جن مان مکيه آهن: پکيئڙا ولر کان وڇڙيا، شرم ٻولي، ڏيهي پرڏيهي ٿيا، ديسي سيٺ ڪهن، سنڌوءَ جي ڪناري، پريم جي پياس. هن ناٽڪ به لکيا آهن جنجو هڪ مجموعو گهوٽ ڪنوار راضي به ڇپيل اٿس.

ڪرشن کٽواڻي جو ٻه هڪ ناول منڙي سنڌ ۽ ناولٽ امر پيار ڇپيل آهي. آنند گولاڻي جو مذاقي ناول مهو ۽

سگن آهوجا جو ناول ”ڪنول جاڳي اُٿيا“ ڇپيل آهي.
ڪيرت ٻاٻاڻيءَ جو وري ناٽڪن جو مجموعو ”سوريءَ
سڏ ڪيو“ ڇپيل آهي.

اُتم اَدبي تنقيدي ۽ تحقيقي ليکن جي ڏس ۾
وک وڌائي آهي ۽ ست مجموعا شايع ڪيا آهن جن مان
مکيه آهن: ٽئگور ـ هڪ جهلڪ، سنڌي ساهت، ليکڪ ڀارت
جو دوست، مهاتما ۽ ليکڪ.

ليلي رچنداڻي وري سنڌي ٻوليءَ ۽ اتهاس جي
کوجنا تي ٻه ڪتاب سنڌوءَ جي جهلڪ ۽ سنڌو درشن
لکيا آهن، جن ۾ نئين روشني ڏنل آهي.

سگن آهوجا جيڪو ڪهاڻي ۽ ناول نويس کان وڌيڪ
ڪوي هو تنهنجو هڪ مجموعو اَرمان نالي نڪتل آهي
اهڙو ئي مجموعو ارجن شاد جو آءُ گهڻين جو ڳائيندڙ آهيان
نالي نڪتل آهي. هنجو بيوس تي تنقيدي ڪتاب ٻـ
ڇپايل آهي ۽ غزل تي سنڌي ۾ ٿيسز لکي پي. ايڇ. ڊي.
ورتي اٿس.

هنن ترقي پسندن جي رچنائن جا وشيه گونا گون آهن،
جهڙوڪ سنڌ، سنڌيت، سنڌي جيون ۽ سماجواد سان
سنٻنڌ رکن ٿا ۽ وقت جي تقاضا ٻڌائيندڙ آهن انهن ۾ ڀاڱ

پالت جا روپ به ڪم آندل آهن. جيڪڏهن ڪير اُهن
رچنائن کي رڳو پرچار ۽ نعريبازي ڪري ٿو ڪٽا ڪري ڇڏي
ٿو ته اهو نه رڳو انتهاپسنديءَ ۽ بغض جو شڪار آهي
پر سنڌي ساهت سان پڻ بي انصافي ٿو ڪري، ڇو ته
هنن ليکڪن مان هرهڪ جون ڪجهه نه ڪجهه رچنائون
ڪلا ۽ وقت جي ڪسوٽي لــي ڪسجي ڪريون ثابت
ٿيون آهن ۽ ڪنهن به دور جي سنڌي ليکڪن جي
سٺين رچنائن سان برميچي سگهن ٿيون.

هنن ترقي پسندن کانسواءِ هڪ ٻيو سندن همعصر
ليکڪ چندولعل جشنگهاڻي آهي جنهن به ڪافي ناول
لکيا آهن. جن مان خاص ذڪر قابل آهي پهاڙي ڇوڪريون
۽ ين ين ين.

هن ٽهيءَ کان پوءِ جيڪا ٽهي پيدا ٿي تنهن ۾ اڌ
ڪن ته ترقي پسنديءَ جا قائل آهن، باقي اڌ ترقي پسنديءَ
جا حامي ڪونهن، جيتوڻيڪ انهن مان به
ڪنهن ڪي وقت ترقي پسنديءَ جا طرفدار
ضرور هئا ۽ اهڙيون رچنائون به لکيون هئائون.
انهن ليکڪن ترقي پسندن لــي خوب جلهيون ڪيون ۽
سندن ادا ڪيل رول ۽ اهميت کان انڪار ڪيائون. پر

منهيدن جي ترقي پسندن جي رول کي قبولين ٿا.

هن ٽهيءَ جا ليکڪ آهن: موهن ڪلپنا، سندري اُتمچنداڻي، ڪرشن راهي، مولي پرڪاش، آنچل، گنو سامتاڻي، گوردڌن ڀارتي، پوپٽي هيرانندڻي، ڄيٺانند ناگ، ڪلا پرڪاش، واسديو نرمل، ڪلا پرڪاش، تارا ميرچنداڻي، ارجن سڪايل، لکميچند پريم، لڇمڻ ڪومل، اندر ڀوڄواڻي، ٿمن پرسواڻي، ايم ڪمل، ارجن حاسد، منوهر لعل، لوڪناٿ ڄيٺلي، سروج ناروواڻي، موهن گيهاڻي، هاسو داڳيا، ڪيرت ميرچنداڻي، لعل پشپ، ستيش روهڙا، شيوو رامناڻي، داس ”طالب“، هريڪانت، ڪي. ايس. ٻالاڻي، اڇهل، ايم - ڪمل، ڄگديش لڇاڻي، گنومل دودواڻي، نارائڻ ڀارتي، هري همتاڻي.

هنن ليکڪن ٻه سنڌي ساهت جي سيني شاخن کي وڌايو ويجهايو آهي. ٿورن ڪانسواءِ ٻين گهڻن جا جيڪي رچنائن جا مجموعا نڪتل آهن انهن مان اهم آهن: ڪلپنا جا فرشتن جي دنيا ۽ چاندني ۽ زهر (ڪهاڻيون) آوارا، سرڳ جي ڳولا ۽ جلاوطني (ناول) اڄا راتِ ٻاقي آ (ريڊيو رلاڻ). سندريءَ جا اڄا - وار ڳاڙها گل ۽ ٽو جنمن جي هاڻي هڻن ان انتهاپسند رخ کي بدلايو آهي ۽ باوجود

پنجاهه سال (تنقيد) ايم ڪمل - ننڍ ڄاڳ ۽ جهرمل جي (شعر) جگديش لڇاڻي - سنڌي ساهت جي روپ ريکا (ادبي تاريخ) دوداڻي - ڦينگون (ڪهاڻيون) نارائڻ ڀارتي - سنڌي لوڪ ڪلا (مضمون). هري همثاڻي - پريم ۽ پياس (ناول).

هن پيڙهيءَ جي غير ترقي پسند ليکڪن جتي پنهنجي رچنائن ۾ اڳين پيڙهي وارن کان نراليون چيزون ڏنيون آهن، اُتي هنن جهڙيون چيزون به ڏنيون آهن جن لاءِ هو ڪين نڪتہ چيني ڪندا هئا. انڪري هو ان ڳالهه لاءِ نئين پيڙهيءَ جي نڪتہ چيني جو شڪار ٿيا آهن.

هن نئين پيڙهيءَ جا سرگرم ليکڪ آهن: هريش واسواڻي، ايشور چندر، وشنو ڀاٽيا، شيام جيسنگهاڻي، هيرو شيوڪاڻي، ٻرج موهن، واسديو موهي، موهن ديپ، پريم پرڪاش، گوردن تنواڻي، نندلعل، آنند کيماڻي، ناري پدم، ڀڳوان ٽلواڻي، سندر اگناڻي، لڇمڻ ڀمياڻي، لکمي کلاڻي، ٽيڪچند مست، سندر حشمتراءِ، ايم. جي. گرناڻي، ٻولڻ راهي ۽ ڦتن سکواڻي.

هن ٽهيءَ جا اڪثر ليکڪ پاڻکي نہ ترقي پسند ۽ نہ غير ترقي پسند سڏائيندا آهن ۽ ڪيترا تہ پاڻکي هر چيز کان بغاوت ڪندڙ سمجهندا آهن، جيتوڻيڪ پنهنجي رچنائن ۾ ساڳي وقت زندگيءَ جو هڪ طرفو جانبداريءَ وارو رخ جهلڻ جو لڳن لقل ڪري تہ پيش ڪندا آهن، جنهن ڪاهہ

آهي ڏنگ ۽ پريم پرڪاش جو ناٽڪ ـ پڪنڪ ۽ ڦلن سڪوائڻي جون ڪهاڻيون پيار ۽ ڏڪار.

هي ته جهلڪ آهي رڳو ان ساهت جي جيڪو مجموعن ۾ آندل آهي، پر ان کان گهڻو وڌيڪ ساهت ته مخزنن ۽ اخبارن ۾ ڇپيل آهي، جيڪو نه رڳو پنهنجي سر اهم آهي، پر اهو ڪن اُنهن اهم ليکڪن جو به آهي جن جو ڪو به ڪتاب اڃا نه ڇپيو آهي.

ائين آهي ته مخزنن ۾ اهو ٻيو ڪجهه به ڇپيل آهي جيڪو شخصي چڙهت ۽ چٽاڀيٽي، بغض ۽ ساڙ هڪٻئي جي پٺي ٺپ سان به ڀريل آهي جيڪو وقت جي ولڙ چڙهڻ سان لڙهي وڃڻ وارو آهي. اهو به هڪ سبب آهي جيڪو ساهت جي وڪاس کي ڏک هڻي رهيو آهي، جنهن ڪجهه سالن کان ڏسي رهيا آهيون.

باقي اصولن ۽ آدرشن جو ٽڪر، وهڪرن ۽ وچار ڌارائن جي ولوڙ، نئين ۽ پراڻي جدوجهد، سنائي ۽ خرابي جي ٻي ڪشمڪش، زندگي ۽ موت جو مقابلو، ساهت جي ميدان ۾ اڳي کان وڌيڪ هلندو آيو آهي، جنهن سنڌيءَ ۾ به لکي رهيو آهي. ۽ ان جد ۾ ملي. ذڪر ڪيل جن لئي پڙهندڙ جا ليکڪ سنڌيءَ يا السنڌيءَ طرح طرفدار رهيا آهن.

## اڄ ئي ھيٺيان ۽ ٻيا ڪتاب گهرائي پڙهو

سنڌي نثر جي تاريخ (ليکڪ پروفيسر ملڪاڻي) ١٢-٥٠
واريءَ ڀريو پلاند (نارائڻ شيام جون ڪوتائون) ٢-٠٠
خوبل جو ڪلام ١-٠٠
گانڌي سوٽر (سنڌيڪار - وشنداس ڇگتياڻي) ٢-٥٠
شاهه، سچل، سامي (ليکڪ ڪلياڻ آڏواڻي ۽ ٻيا) ٢-٠٠
هڪ پرش ٻي استريون (ڊاڪٽر سڪايل جو ناول) ٢-٠٠
ڪيهه ۽ باهه (ڊاڪٽر سڪايل جو ناول) ٢-٠٠
ليڏن (سڪايل جو نهرو انعامي ڪتاب) ٢-٥٠
سونهري ڪرڻا (کيمچند سمن جون ڪهاڻيون) ١-٢٥
ساهتيه سار (ليرت بسنت جو ڪتاب) ٥-٠٠
وسنت ورکا ( " " " ) ٣-٠٠
چرلهي (عزيز جو ساهتيه اڪيڊمي انعامي ڪتاب) ٥-٠٠
آڏيءَ آئيني (عزيز جي مضمونن جو ڪتاب) ٣-٠٠
سامي (عزيز جو، سنت ڪويءَ بابت ڪتاب) ٢-٢٥
غريبان مار (عزيز جو لکيل وڏو ناٽڪ) ٢-٠٠
آبشار (عزيز جي شعرن جو مجموعو) ٢-٠٠
گل وخار (عزيز جو تنقيدي ڪتاب) ٢-٢٥
ٻيما (ارمل جيوتاڻيءَ جو ناول) ١-٥٠
بيلا (منشي پريمچند جي پٽ امرتراءِ جو ناول) ١-٠٠
سروپت سرگ (ليکڪ آلم) ٠-٧٥

نئين دنيا، اي-٤، هيرا باد مينشن، سينڊلهرسٽ روڊ، بمبئي-١٦

# ٽڪرن جي صحيح سپلاءِ واسطي

فون ڪريو نمبر ۳۵۲۵۵۱ تي

اچي ملو

# پيگوٽي ائنڊ ڪمپني

لکوڙه ڪريو

پتو: ۳۲۱، ويٺلڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-۴

موٽر ٽرڪن جي سڀني گهرجن لاءِ

اسانجي اسپيشل لائين آهي — اسٽئنڊرڊ ۲۰-
هيرلڊ - اسٽئنڊرڊ ڏهه هارس پاور ۽ وئنگارڊ.
اليڪٽرڪ آلٽرنيٽر - ڊائنامو ۽ اسٽارٽر
اليڪٽرڪ پرزا ۽ موٽرن وغيره لاءِ
اسان وٽ اچو.

# جنرل موٽر مارٽ

پيٽرول ڊيزل - ڪار ۽ ٽرڪ جي پرزن جا

خاص ماهر

پتو:- ١٣، ناگنداس مينشن، گرگام روڊ، بمبئي-٤.

فون:- آفيس (٣٥٦٩١٠) ۽

گهر (٥٢٨١٢٤—٥٢١٩٦٤—٥٣٥٦٥٢)

---

# ڪمار موٽر اسٽورس

ولي جيپ جي پرزن جا خاص ماهر

پتو:- ١٢-بي، بيبهام لين، بمبئي-٤.

فون:- ٣٥٥٤٦٧ تار: Frinch Marks

---

هڪ دفعو اسان وٽ ضرور اچو

# هري سنس HARISONS

٣٢٤، وٺل ڀائي پٽيل روڊ، بمبئي-٤

فون: ٣٥٤٢٨١

# ڪاليداس

هر ڪو اديب پنهنجي پنهنجي دور جي پيداوار آهي. هنجي ادب جي اوک ڏوک ڪرڻ لاءِ، سندس زماني جي حالتن کي نظر انداز نٿو ڪري سگهجي. ڪاليداس ڪير هو، ڪڏهن ۽ ڪٿي ڄائو هو ۽ ڪهڙين حالتن هيٺ نپيو هو؟ اهي سڀ ڳالهيون اڄ تائين راز بڻيون رهيون آهن. ڪاليداس جي زندگيءَ متعلق جيتري واد وواد هلي آهي، سا ٻئي ڪنهن ساهتڪار جي زندگيءَ متعلق مشڪل هلي آهي. ڪن هنکي عيسوي سن کان ۳۰۰، ۴۰۰ سال اڳ ته ڪن عيسوي سن کان ۵۰۰، ۶۰۰ سال پوءِ جو رهاڪو ڄاڻايو آهي. ڪن هنکي اجين جو ته ڪن ڪشمير جو ته ڪن بنگال جو رهواسي سڏيو آهي. ليڪن گهڻا اتهاسڪار ان مت سان شامل آهن ته هو عيسوي سن کان هڪ صدي ڪن اڳ اجين ۾ ڄائو هو ۽ راجا وڪرماجيت جي "نورتن"

مان هڪ هو. ”ڪاليداس ڪاميٽيءَ“ هنجي جنم ڏن
ملهائڻ جو ڏينهن نومبر ۾ مقرر ڪيو آهي.

ڪاليداس جي دور ۾ انساني شعور اڃا رڙهيون پائي رهيو هو. سماج لئي ديوتائون ۽ راجائون چانيل هئا، ان دور جي ساهت ۾ اڪثر ڪري ديوتائن ۽ راجائن جون ئي وارتائون لکيل آهن. مگر انهن ۾ ديوتائن ۽ راجائن جي وڏائيءَ جا ئي گيت نه ڳايا ويا آهن، پر انهن سان گڏ اهي حقيقتون، نصيحتون ۽ خيال پڻ پيش ڪيل آهن، جن ۾ نه فقط انساني زندگيءَ جي تصوير ڪشي ڪيل آهي، پر انکي اڳتي وڌڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي ۽ انهن اڄ تائين دلچسپي نه وڃائي آهي.

ڪاليداس جي رچنائن پڙهڻ سان اها ڳالهه بخوبي سڌ لڳي ٿي. جو نه هنکي گذرئي ٻه هزار کن سال ٿي ويا آهن ته به سندس رچنائون اڄ به اسانجي دلچسپي پيدا ڪن ٿيون. ڪي اُن دلچسپيءَ جو ڪارڻ رڳو سندس ڪلا ۾ ڳوليندا آهن، هو هنجي تشبيهن، شرنگار رس، سندرتا جي ورڻن جي خوب واکاڻ ڪندا آهن، پر سندس پيش ڪيل انساني عناصر کي ڀلجي ويندا آهن. هو اهو نه ٻڌائيندا آهن ته ليکڪ انسان کي ڪهڙو پيغام ڏنو آهي، زندگيءَ بابت ڪهڙو نظريو پيش ڪيو آهي. هيءُ رخ صحيح ڪونهي، جو ته ڪنهن به اعليٰ ليکڪ رڳو پنهنجي ڪلا جي نمائش لاءِ قلم هٿ ۾ نه

رامچندر، اجه، شو ۽ يڪش هنکي عزت جي نگاهه
سان ڏسندا. راجا دشينت اجه ۽ يڪش پنهنجين استرين
جي فراق ۾ ڳرن ٿا. رامچندر ۽ اجه ٻي شادي ڪرڻ
کان انڪار ڪندا. راجا اجه پنهنجي استريءَ کي
”ساٿي، گهر، خزانو ۽ خوشي“ ڪري ٿو سمجهي. شو
چوي ٿو، ”ڌرمي جيوت لاءِ پرڻ سٽي پتنيءَ جي ضرورت
آهي.“ ان زماني ۾ جڏهن عورت اڄڪلهه جي زماني
کان نه وڌيڪ، مرد جي غلام هئي، تڏهن استري کي
مرد جو ساٿي سمجهڻ ۽ هنلاءِ عزت پيدا ڪرڻ جي
ڪوشش هڪ ترقي پسند معنيٰ رکيٿي.

ڪاليداس جو آدرشي راجا ڪهڙو آهي؟ اهو جو
رعيت کي سکي رکي. انکي علم ڏئي، انجي سنڀال
ڪري ۽ انجو پالڻ پوشڻ ڪري. هو جيڪي ڍلون ڪٺيون
ڪري سي رعيت جي لاءِ ئي ڪم آڻي. پرجا جي دانهن
ڪن ڏي ۽ پورو انصاف ڪري، جنهن ملڪ ۾ نه
چوري چڪاري ٿئي، نه بيماري پوي ۽ نه ڏڪار پوي.
نڪو شوق، نڪو ناٽڪ هنکي پنهنجي فرض کان هٽائي.
توري ۾ راجا کي پنهنجي ”بادشاهت“ کي ”استريءَ“
وانگر پيار ڪرڻ کپي. ڪاليداس هنن سڀني ڳالهين جو
ورنن ”رگهونش“ ۾ جدا جدا راجائن جي حالتن وقت
ڪيو آهي. ڪاليداس جي آدرشي حڪومت جي معنيٰ
اڄ جي اي لطامي راڄ ۾ ڪهڙي نه اهميت ٿي رکي.

ڪي شايد ائين سمجهن ته ڪاليداس صرف راجائن

جيوتا جي جھلڪ گھٽ ملي ٿي، جيتوڻيڪ ميگھدوت ۾ ڪبير ديوتا جي سراپ ڏنل يڪش لاءِ ڏيکاريل همدردي ۽ اروشي ناٽڪ جي دربان جي پڌايل دکي حالت مان ظاهر آهي ته هنکي عام ماڻهن لاءِ پيار هو.

ڪاليداس ڌرمي ڳالهين ۾ آزاد خيال هو. "رگھونش" ۾ لکيئو، "سڀ پنت هڪ ئي چڱائي ڏانهن وٺي هلن ٿا." هو روايت پرستيءَ جي بــ خلاف هو. پنهنجي ناٽڪ "مالويڪا ۽ اگني متر" ۾ لکيئو، "هرڪا شيءِ جنهن تي پراچينتا جي مهر لڳل آهي، سٺي ناهي." هي ٻئي ...الا انوقت جي حالتن موجب هنجي نؤ پسند خيالات جو ثابتي ٿا ڏين.

ڪاليداس جو انسانيت ۾ اٽوٽ وشواس هو. "ڪمار سنڀو" ۾ هڪ هنڌ چوي ٿو، "انسان جو انسان لاءِ پيار نــ بدلجندو ۽ هميشه قائم رهندو." ٻئي هنڌ چوي ٿو، "جڏهن توهين ڪنهن سان گڏجي ڳالهائيندي ٻولائيندي ست ايڪ وکون اڳتي وڌو ٿا ته هڪ ٻئي ۾ دوستيءَ جو ناتو پيدا ٿئي ٿو." هي ڏيکاري ٿو ته ڪاليداس انسانيت جي ... پيار ۽ ...ڪار جو ڪيڏو نه ڪانکي هو. اڄ جڏهن ... سماج، ... انسان جي خلاف دشمن... ٿي رهيو آهي، تڏهن ڪاليداس جو انسان دوستي ... سماج ... بدلائڻ ۾ ... ڏيکاري

2792/75 ...dhidham

# اي. جي. اُتم جا ٻيا ڪتاب

| | |
|---|---|
| ڪشمڪش (سنڌي ڪهاڻيون) | ٣-٠٠ |
| سنڌي ساهت (ادبي ۽ تنقيدي مضمون) | ٣-٠٠ |
| ٽئگور - هڪ جهلڪ (تنقيدي ڪتاب) | ١-٥٠ |
| ڀارت جو دوست لينن (نهرو امن انعامي ڪتاب) | ٣-٠٠ |
| مهاتما ۽ لينن (ڀارت ۾ ڇهڙو پهريون ڪتاب) | ٣-٠٠ |
| ڀارت روس دوستي (نهرو امن انعامي ڪوجنالمڪ ڪتاب) | ٣-٠٠ |
| سوويت سرڳ | ٠-٧٥ |
| هڪ ڇوڪري، ڇويهه ماڻهو (گورڪي جون ڪهاڻيون) | ٢-٠٠ |
| پيار ۽ واسنا (ٽالسٽاءِ جو ناول) | ١-٥٠ |
| روپ ۽ بهروپ (خواجا عباس جو ناول) | ١-٥٠ |
| انسان جو نصيب (شولو خوف جو ناولٽ) | ١-٠٠ |

نئين دنيا پبلشرس
اي-٤ هيراباد مئنشن
سيتلاديوي روڊ، ماهم، بمبئي ١٦